# ٻن گودڙين وارو

سنڌي

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

**مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي**

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت



(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: ٻن گودڙين وارو

ڇاپو پهريون: جمادي الاولىٰ 1443ھ جنوري 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

**جي ڪتاب "غيبت جون تباھ ڪاريون" مان ورتل رسالو**

# ٻن گوڏڙين وارو

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه**

**محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

## پڻ گودڙين وارو

پڻ گودڙين وارو .................................... 1
دعاءِ عطار: ........................................ 1
درود شريف جي فضيلت .............................. 1
هڪ پيري جي ڪيل غيبت سبب بيهوش ٿي ويا. ................ 1
حشر ڏهاڙي ڏاڍي جو مطالبو .............................. 2
چاليهه سالن کان روئي رهيو آهيان .......................... 2
(24) غيبت ڪرڻ واري جو وقار ختم ٿيو وڃي. ................. 3
(25) ماضي جي ياد....۾ انڌا ........................... 3
نابين کي چاليهه قدم وٺي هلڻ جي فضليت ...................... 4
نابين کي هلائڻ جو طريقو ................................ 4
غلام آزاد ڪرڻ جي فضيلت .............................. 5
(26) مدني چينل جي برڪت سان غيبت کان پرهيز .............. 6
”اهو مُئلن وانگر ستو پيو آهي“ چوڻ ڪيئن؟ .................. 6
”غيبت ڪرڻ گناهِ ڪبيره آهي“ جي چوڏهه اڪرن جي نسبت سان نفلي
ڪمن جي متعلق غيبت جون 14 مثالون ...................... 7
(28) بُرائي ڪرڻ واري سان ڀلائي ڪرڻ جي عجيب حڪايت ......... 8
سِرَ جو جواب اَنمول موتي سان ............................. 9

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# پڻ گودڙين وارو

## دعاءِ عطار:

يارَبَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ "پڻ گودڙين وارو" مڪمل رسالو پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي نيڪيون ڪرڻ، نيڪيون ڪرائڻ، گناهن کان بچڻ ۽ ٻين کي بچائڻ جي سعادت عطا فرمائي ڪري بي حساب مغفرت سان نوازي ڇڏ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

رحمت عالم، نُور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ شفاعت نشان آهي: جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو مان قيامت جي ڏينهن اُن جي شفاعت ڪندس. (جمع الجوامع للسيوطى، 199/7، حديث:22352)

## (23) هڪ پيري جي ڪيل غيبت سبب بيهوش ٿي ويا.

حضرت سيّدنا داؤد طائي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ هنڌان گذريا تہ بيهوش ٿي ويا، هوش ۾ آيا تہ ماڻهن بيهوشي جو سبب پڇيو: فرمايائون: هتي پُهچندي ئي يڪدَم ياد آيو تہ هن هنڌ تي مون هڪ شخص جي غيبت ڪئي هئي، تنهنڪري مونکي الله پاڪ جي پڪڙ ۽ آخرت جي حساب جو خيال اچي ويو ان خوف جي ڪري مان بيهوش ٿي ويس. (نُزهةُ المجالِس، ج1، ص199)

## حشر ڏهاڙي ڏاڍِي جو مطالبو

**اي عاشقانِ اولياء!** اسان جي بزرگن جوخوفِ خدا بہ مرحبا! ڪنهن بہ گناهہ کان لڪين ڀيرا توبهہ ڪن، پر سَندن خوف ختم ناهي ٿيندو، پشيماني ناهي ويندي، هڪ اسين آهيون جو گناهہ ڪرڻ کان پوءِ کِلندي کِلندي پنهنجي ڳُلن تي هر هر هٿ هٽي دل کي مجائي وٺندا آهيون تہ اسان گناهن کان پاڪ صاف ٿي وياسين ۽ پوءِ ان گناهہ کي پنهنجي ذهن جي پردي تان حرفِ غلط وانگر ڍاهي ڇڏيندا آهيون ۽ پنهنجين مَستيِن ۾ بَد مَست ٿي ويندا آهيون! هاءِ! قِيامت جو حساب! خدا جو قسم! حُقوقُ العِبَاد جو معاملو خاص طور تي انتهائي ڳُڻتيءَ جوڳو آهي جيئن **حضرت سَيِّدُنا حَسن بصري** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن پنهنجو حق وُصُول ڪرڻ جي لاءِ هڪ شخص ٻئي جو هٿ پڪڙيندو: اُهو ٻيو شخص چَوَندو: مان توکي نہ ٿو سڃاڻان تون ڪير آهين؟ پهريون شخص چَوندو: تو منهنجي پِٽِ مان هڪ سِر ڪڍي هئي ۽ تو منهنجي ڪپڙي مان ڌاڳو ڪڍيو هو. **(ان سبب جي ڪري اَءُ توتي پنهنجو حق وصول ڪرڻ جي لاءِ دعويٰ ڪيان ٿو)**

(اِحياءُ العُلوم، ج5، ص99)

## چاليهہ سالن کان روئي رهيو آهيان

**انهي ڪري اسان جا** بُزرُگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم ماڻهن جي بظاهر انتهائي معمولي نظر ايندڙ حقن کان بہ ڏاڍو ڊِڄندا هئا **حضرت سيّدنا ڪَهمَس** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: آءُ هڪ گُناهہ جي پشيماني جي ڪري چاليهہ ورهين کان روئي رهيو آهيان، ڪنهن پڇا ڪئي: يا سيّدي! اهو ڪهڙو گناهہ آهي؟ فرمايائون: هڪ ڀيري مهمان جي لاءِ مَڇي

ورتي هئي پوءِ ان جي ڪائڻ کان بعد هٿ ڌوئڻ لاءِ مان پنهنجي پاڙي واري جي پٽ مان بنا اِجازت جي مِٽيءَ جو پِتر ڪنيو هو.

(رساله قشيريه، ص149)

بڑی کوششیں کی گنہ چھوڑنے کی رہے آہ! ناکام ہم یاالٰہی
زمیں بوجھ سے میرے پھٹتی نہیں ہے یہ تیرا ہی تو ہے کرم یاالٰہی

(وسائل بخشش، ص110)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (24) غيبت ڪرڻ واري جو وقار ختم ٿيووڃي.

**هڪ داناء** (يعني **عقلمند**) جي سامهون ڪنهن واقُف ڪار شخص هڪ مسلمان جي **غيبت** ڪئي، ان داناء چيو اي شخص! اڳ ۾ منهنجي دل فارِغ هئي هاڻي تو **غيبت** جي ذريعي منهنجي دل ان مسلمان جي **عَيبن** جي بابت وَسوَسَن ۽ نَفرَتن ۾ مَشغُول ڪري ڇڏي ۽ ان مسلمان کي منهنجي نظر ۾ حَقِير بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اهڙي رِيت تون به مون وٽ ”خراب“ ٿِئين، ڇو ته مان سمجهندو هئس ته تون اَمِين (يعني **امانت دار**) آهين ۽ ڳالهه کي ڏاڍو لڪائيندو آهين، هاڻي جڏهن ته تو ان جو عيب کولي ڇڏيو ته خبر پئي ته تون اَمِين ناهين، ۽ تنهنجي دل ۾ ڪا به ڳالهه بيهي نه ٿي.

(تنبيه الغافلين، ص92 ماخوذًا)

## (25) ماضي جي ياد.... ۾ انڌا

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** واقعي **غيبت** ڪرڻ وارو پاڻ ئي ڳنڊو ٻڌجندو ۽ ذِليل ٿيندو آهي، ماڻهو **غيبت** جي عادين کان لَهرائيندا ۽

نَفرَت ڪندا ۽ پاڻ کي بچائيندا آهن. پنهنجي نندپڻ جي هلڪين يادن مان ٻن نابينن جو ذِڪر ڪريان ٿو. هڪ نابين مڪمل ڏاڙهيءَ وارو، **قرآن پاڪ** جو تمام پڪو حافظ ۽ مَذهَبِي نظر ايندڙ شخص هو پر ڳالهيون ۽ **غيبتون** تمام گهڻيون ڪندو هو، ڪنهن کي بہ نہ ڇڏيندو هو، آءُ (**يعني سگِ مدينہ** عُفِيَ عَنْهُ)ان کان لهرائيندو هُئس. ٻيو نابين ڏاڙهيءَ ڪوڙ يا **ننڍي ڏاڙهيءَ** وارو عام ماڻهو هو، هن جي خوبي اها هئي جو بلڪل خاموش طبيعت هو. سندس نالي جي بہ مونکي خبر ناهي، ڪڏهن بہ ان جي واتان مون ڪنهن جي **غيبت** نہ ٻڌي، مونکي نماز کان پوءِ ڪيترائي ڀيرا لٺ وٺي ان کي ان جي گهر تائين پهچائڻ جو موقعو مليو آهي. موقعي جي مناسبت سان نابين کي هٿ ڏئي وٺي هلڻ جي فَضِيلت بہ ٻُڌندا هلو.

## نابين کي چاليهہ قدم وٺي هلڻ جي فضليت

**عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي** ڪتاب "بہشت کی کنجیاں" (صفحات 244) جي صفحي نمبر 226 تي آهي: حضرت سيِّدُنا اَنَس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ **جيڪو ڪنهن نابِين کي چاليهہ قدم هٿ وٺي هلائيندو تہ ان جي چهري کي جهنم جي باهہ نہ ڇُهندي**.

(تاريخِ مدينہ، ج48، ص3)

## نابين کي هلائڻ جو طريقو

**هڪ ٻي روايت** بہ پيش ڪجي ٿي جيئن تہ حضرت سيِّدُنا ابوهُرَيرَہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ **مديني جي سُلطان** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دِل نَشِين آهي: جيڪو ڪنهن نابِين کي هڪ مِيل تائين وٺي ويو تہ

ان کي مِيل جي هر ذِراع (يعني گزَ) جي بدلي هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو. جڏهن توهان ڪنهن نابين کي وٺي وڃو ته ان جو ڪاٻو هٿ پنهنجي ساڄي هٿ ۾ پڪڙيو ڇو جو اهو به صَدقو آهي.

(فردوس الاخبار، 350/5، حديث:8397)

## غلام آزاد ڪرڻ جي فضيلت

اي عاشقانِ رسول! خداءِ رَحمٰن جي رَحمَتن تان قُربان جو ان اسان جي لاءِ ثواب ڪمائڻ ڪيڏوته آسان ڪيو آهي. **غُلام آزاد ڪرڻ** تي ڇا ثواب ملي ٿو انهي بابت ڪَيئي روايتون آهن، **الله پاڪ** چاهي ته پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ڪنهن نابين جو هٿ پڪڙي هلائڻ تي اهو سڀ ثواب عطا فرمائي. **شوق پيدا** ڪرڻ جي لاءِ هڪ حديث مبارڪ بيان ڪئي ٿي وڃي، جيئن ته **اسان** گنهگارن کي پنهنجي ربّ کان جنت ڏيارڻ واري پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان مغفرت نشان آهي: ”جيڪو شخص مسلمان غلام کي آزاد ڪندو هن (غلام) جي هر عُضوَ جي بدلي ۾ الله پاڪ اُن (آزاد ڪرڻ واري) جي هر عضو کي جهنم کان آزاد فرمائيندو.“ حضرت سعيد بن مَرجانه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان جڏهن حضرت زَينُ العَابِدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي اها حديث پاڪ ٻڌائي ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي هڪ اهڙي غلام کي آزاد ڪري ڇڏيو، جنهن جي حضرت عبدالله بن جَعفَر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا ڏهه هزار درهم قيمت لڳائي چڪا هئا. (صَحيح بُخاري، ج2، ص150، حديث2517)

ڪچھ ایسا کر دے مرے کردگار آنکھوں میں
ہمیشہ نقش رہے رُوئے یار آنکھوں میں
نہ کیسے یہ گل و غنچے ہوں خوار آنکھوں میں
بسے ہوئے مدینے کے خار آنکھوں میں

(سامانِ بخشش، ص145)

## (26) مدني چينل جي برڪت سان غيبت کان پرهيز

**حيدرآباد** (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهه هيئن آهي تہ اسان جي گهر وارن عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جو سؤ فيصد اسلامي چينل يعني سنّتن ڀريي **مدني چينل** تي ”**غيبت جون تباهہ ڪاريون**“ جي مَوضُوع تي هڪ مُبلِّغ دعوتِ اسلامي جو بيان ٻڌو. جنهن ۾ اُن مُعاشري ۾ ڳالهايا ويندڙ **غيبت** جي لفظن ڏانهن بہ ڌيان ڏياريو. اَلحَمدُ لله! ان بيان کي ٻڌي **غيبت** کان بچڻ جو ڏاڍو ذهن بڻيو، هڪ ڀيري مون گهر ۾ اندر چيو تہ ”**ننڍو ڀاءُ فلاڻي شيءِ کڻي اچا تائين ناهي پهتو ڏاڍو سُست آهي**“ تہ منهنجي امڙ سائڻ يڪدم منهنجي پڪڙ فرمائي تہ تو ان جي **غيبت** ڪري وڌي، ڇو تہ تو ان کي ”**ڏاڍو سُست**“ چئي، ان جي بُرائي بيان ڪئي، جيئن تہ مون جلد توبهہ ڪئي. هاڻي گهر جي ڀاتين جي اها حالت آهي تہ ڳالهہ ڳالهہ تي هڪ ٻئي جو ڌيان ڇڪائن ٿا تہ هاڻي جيڪا ڳالهہ تي يا فلاڻو لفظ چيو ويو ڪٿي اها **غيبت** تہ ناهي!

گناہوں سے مجھ کو بچا، یا الٰہی ۔۔۔ بُری عادتیں بھی چُھڑا، یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَی الله! اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (27) ”اهو مُئلن وانگر ستو پيو آهي“ چوڻ ڪيئن؟

**حضرت** سيِّدُنا شيخ سَعدِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان ننڍي عمر کان ئي راتين جو جاڳي ڪري عبادت ڪندو هئس. هڪ ڀيري والد مُحتَرم

سان گڏ سڄي رات عِبادت ۾ گذاري ۽ **تِلاوتِ ڪلام** پاڪ ڪندو رهيس. ڪجھ ماڻهو اسان جي ويجهو مَزي سان سُتا پيا هئا، مون والد محترم کي چيو: انهن مان ڪو هڪ ٻه اهڙو ناهي جو اُٿي (**تَهَجُّد جا**) ٻه نَفل ئي پڙهي، اهي ته **مُئلن** وانگر ستا پيا آهن. والد سڳوري فرمايو: پٽ! تون عبادت ڪرڻ بدران سڄي رات ستو پيو هجين ها ته اهو ئي بهتر هو، ڇو ته تون جاڳي ڪري **غيبت** جي آفت ۾ گرفتار ٿي وئين. (تفسير روح البيان، ج9، ص89)

## ”غيبت ڪرڻ گناهِ ڪبيره آهي“ جي ڇوڏه اکرن جي نسبت سان نفلي ڪمن جي متعلق غيبت جون 14 مثالون

**اي عاشقانِ رسول!** ان حڪايت مان خبر پيئي ته تهجُّد وغيره نفلي عبادتن کان غافل رهي ڪري سڄي رات سمهڻ ان شخص جي لاءِ بهتر آهي جيڪو سڄي رات عبادت ته ڪري پر ان سان گڏ **غيبت** جي آفت ۾ ٻه ڦاسي پوي. **تَهجُّد ۽ نفل** ادا ڪرڻ بيشڪ ثواب جو ڪم آهي پر **غيبت** ڪرڻ وارو **عذاب جو حقدار** آهي. هن حِڪايت ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ عِبرت جا ڪيترائي مدني گل آهن جيڪي بنا شَرعِي حاجت جي هيئن **غيبتون** ڪندا آهن **مثال طور:** ❁ فلاڻو اشراق، چاشت نه ٿو پڙهي ❁ ان کي ته ڏاڍو جاڳايو پر فَجر (**يا تهجُّد**) جي لاءِ نه اٿيو ❁ بس مُئل وانگر ستو پيو هو ❁ باجماعت نماز جي پابندي نه ٿو ڪري ❁ سومر شريف جو روزو نه ٿو رکي ❁ جڏهن ٻه **اِجتِماع جي دعوت** ڏيندو آهيان ته لنوائي ٿو وڃي ❁ ”**نيڪ اعمال**“ تي عمل ڪرڻ ۾ سُست آهي ❁ اجتماع ۾ دير سان ايندو آهي يا ❁ ٻاهر بستن تي گهمندو يا ❁ هوٽل تي ويهندو ❁ يا دوستن

سان ڪچهري ڪندو رهندو آهي ۞ مدني مشوري ۾ هميشه دير سان ايندو آهي ۞ ڪڏهن به **مدني قافلي** ۾ سفر ناهي ڪندو ۽ سمجهايو ته ڪوڙا بهانا ڪندو آهي .

## (28) بُرائي ڪرڻ واري سان ڀلائي ڪرڻ جي عجيب حڪايت

**حضرت** سيِّدُنا سُلطانُ المَشائِخ خواجه مَحبُوبِ الاهي نظامُ الدّين اَولِياءَ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ ماٺهو ڏاڍيون **غيبتون** ڪندو ۽ سندن ـتي طرح طرح جون **تُهمتون** لڳائيندو رهندو هو. ان جي باوجود پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جي گهر خرچ جي لاءِ روزانو ڪجهه نه ڪجهه موڪليندا هئا، ڪافي عرصي تائين اهو سلسلو هلندو رهيو. هڪ ڏينهن ان جي زال غيرت ڏياريندي چيو: عام دَستُور ته اهو آهي ته **جنهن جو کائو، ان جو ڳائيو**، پر اهو ڪتان جو اِنصاف آهي ته جنهن جو کائجي، ان تي ئي تنقيد ڪجي! توهان به عَجِيب انسان آهيو جو هڪ اهڙي بزرگ جي پويان اچي پيا آهيو جيڪو بغير سوال جي توهان جا ٻچا پالي رهيو آهي! زال جون ڳالهيون ٻڌي ان کي شرمندگي ٿي، **غيبتن** ۽ تُهمتن کان مُڙي ويو. انهي ڏينهن کان **حضرت** سيّدنا **خُواجه نِظامُ الدّين اولياء** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به خرچ پکو موڪلڻ بند ڪري ڇڏيو. اهو دربار ۾ حاضر ٿي عرض ڪرڻ لڳو ته **سرڪار**! ان ۾ ڪهڙي حِڪمَت آهي جو توهان جي باري ۾ خراب بڪندو رهيس، ته مون تي اِنعام ۽ اِڪرام جي برسات جاري رهي، پر جيئن ئي توهان جي شان ۾ بڪواس ڪرڻ کان مُڙي ويس ته عِنايتون ۽ نوازشون بند ٿي ويون. **ارشاد فرمايائون**: جيستائين تون منهنجي باري ۾ خراب ڳالهائيندو رهين مونکي تنهنجي طرفان مسلسل نيڪيون ملنديون رهيون ۽ منهنجون خَطائون ختم ٿينديون رهيون انهن ڏينهن ۾ جڻ

تہ تون منھنجو اَجِير يعني مزدور هُئين، ان ڪري مان توکي نيڪيون موڪلڻ ۽ گناھ مٽائڻ جي اُجرَت (مزدوري) پيش ڪندو رهيس، هاڻي جڏهن تو اهو ڪم بند ڪري ڇڏيو تہ پوءِ مان مزدوري توکي ڪهڙي ڳالھ جي ڏيان؟ (سبع سنابل، ص59 مُلخّصًا)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

گناہ گار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں — کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یاربّ
بُرائیوں پہ پشیماں ہوں رَحم فرمادے — ہے تیرے قَہر پہ حاوی تِری عطا یاربّ

(وسائلِ بخشش، ص78)

## سِرَ جو جواب اَنمول موتي سان

اي عاشقانِ اولياء! حضرت سيّدنا سُلطانُ المَشائِخ خواجہ مَحبُوبِ الاهي نظامُ الدِّين اولياء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي متي ذڪر ڪيل حڪايت ۾ اهو مدني گل بہ انتهائي خوشبودار آهي تہ الله وارا پٿر جو جواب پٿر سان نہ بلڪ "**انمول موتين**" سان ڏيندا آهن، **الله** وارا برائيءَ ڪي برائي سان نہ پر ڀلائيءَ سان ٽاريندا آهن، اهي ائين ڇو نہ ڪن جو سيپاري 24 سورة حٰمٓ السَّجْدَة جي 34 هين آيتِ ڪريمہ ۾ ارشاد آهي:

اِدْفَعْ بِالَّتِیْ هِیَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِیْ بَیْنَكَ وَ بَیْنَهٗ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ وَلِیٌّ حَمِیْمٌ ﴿۳۴﴾

(پاره24، حم السجده:34)

ترجمو ڪنزالعرفان: بُرائي ڪي ڀلائي سان دور ڪيو تہ توهان ۽ جنهن شخص جي وچ ۾ دشمني هوندي تہ اُن وقت اهو ايئن ٿي ويندو جو ڄڻ گهاٽو دوست آهي.

## سهڻي سلوڪ جو نتيجو

صدرُ **الافاضِل** حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُرَاد آبادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه "**خزائِنِ العِرفان شريف**" ۾ برائيءَ ڪي ڀلائيءَ سان ٽارڻ جو طريقو ٻڌائيندي ارشاد فرمائن ٿا: **مثال طور:** ڪاوڙ کي صَبر سان، جَهالت کي بردباري سان، بدسُلوڪي کي عَفو (۽ دَرگُذر) سان، ايئن جو جيڪڏهن ڪو تو سان برائي ڪري تہ تون ان کي معاف ڪر. انهيءَ عادت جو نتيجو اهو نڪرندو تہ دشمن دوستن وانگر محبت ڪرڻ لڳندا.

**شانِ نزول:** چيو وڃي ٿو تہ اها آيت **ابُو سُفيان** جي حق ۾ نازل ٿي جو انهن جي سخت دشمني جي باوجود بہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سان نيڪ سلوڪ ڪيو. انهن جي نياڻيءَ کي پنهنجي زَوجيَّت جو شرف عطا فرمايو، ان جو نتيجو اهو نڪتو جو اهي سچا **محبت ڪندڙ** ۽ جان قربان ڪندڙ بڻجي ويا. (خزائن العرفان، ص884)

## (29) حملي ڪندڙ سان حيرت انگيز سهڻو سلوڪ

**بُرَائيءَ** کي ڀَلائيءَ سان ٽارڻ جي سِلسِلي ۾ هڪ **عجيب ۽ غريب** حِڪايت ٻڌو: جيئن تہ هڪ شخص حضرت سيِّدُنا شيخ نَصِيرُ الدِّين مَحمُود بِن يوسف رشيد اَودِهي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي آستانہ عاليہ (دهلي) ۾ **داخل ٿي** **ڇُريءَ** سان 15 يا 16 وار ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي زخمي ڪري ڇڏيو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه انتهائي صَبَر جو مظاهرو ڪندي حملي ڪرڻ واري کي فرمايو: جلد اندرئين ڪمري ۾ لڪي وڃ نہ تہ ماڻهو پهچي ويا تہ شايد تو کي زنده نہ ڇڏيندا، اهو لڪي ويو، ماڻهن ڏاڍو ڳوليو، پر حملي واري جو پتو نہ پيو، اڌ رات جو موقعو ڏسي

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حملي واري کي اتان ڪڍي ڇڏيو. (سبع سَنابِل، ص64، مُلخّصًا)

**اللّٰہ پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

سُبحٰنَ الله! اولياءُ الله جو ڪيڏو نہ بلند شان آهي! اهي پنهنجي بُراين ڪرڻ وارن بلڪ جاني دشمنن سان بہ حُسنِ سُلوڪ ڪندا آهن، ڪنهن سچ ئي تہ چيو آهي.

بدی را بدی سَہل باشَد جزا  اگر مردی اَحسن اِلٰی مَن اَسا

(يعني برائي جو بدلو برائيءَ سان ڏيڻ تہ آسان آهي پر تون مرد آهين تہ برائيءَ ڪرڻ واري سان بہ ڀلائي ڪر)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (30) ٻن گودڙين وارو

عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”**عُيُونُ الحِكايات**“ (413 صفحات) حصي ٻئي جي صفحي نمبر 18 تي آهي: حضرت سيّدنا ابراهيم آجُرِي ڪبير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سياري جا ڏينهن هئا مان مسجد جي دروازي وٽ وينو هئس تہ ويجهو ڪان هڪ شخص لنگهيو جنهن بہ گودڙيون (رلهيون) ويڙهي رکيون هيون. منهنجي دل ۾ اها ڳالهہ آئي تہ شايد اهو پينو آهي، ڪيترو نہ سنو ٿئي ها جو اهو پنهنجي هٿ سان ڪمائي کائي ها. جڏهن مان سُتس تہ خواب ۾ بہ ملائڪ آيا ۽ مونکي ٻانهن مان پڪڙي انهي ئي مسجد ۾ وٺي ويا، اتي هڪ شخص بہ **گودڙيون** ويڙهي ستو پيو هو، جڏهن ان جي منهن تان

گودڙي هٿائي وئي تہ اهو ڏسي مان حيران ٿي ويس تہ هي تہ اهو شخص آهي جيڪو منهنجي ويجهو کان لنگهيو هو! ملائڪن مونکي چيو: ”**ان جو گوشت کاءُ** “ مون چيو: مان ان جي **غيبت** تہ نہ ڪئي هئي. چيائون: ”چو نہ! تو دل ۾ ان جي **غيبت** ڪئي، ان کي ڪَمتَر سمجهيو ۽ ان کان ناخوش ٿئين“. حضرت سيّدنا ابراهيم آجُري ڪبير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پوءِ منهنجي اک کلي وئي، خوف ۽ ڊپ جي ڪري مون کي ڏڪڻي وٺي وئي. مان مُسَلسل 30 ڏينهن تائين انهي مسجد جي دروازي تي ويٺو رهيس، صرف فرض نماز جي لاءِ اتان اُٿندو هئس. مان دعا گهرندو هئس تہ اهو مونکي نظر اچي وڃي تہ جيئن مان ان کان معافي گهران. هڪ مهيني کانپوءِ اهو پُراَسرَار شخص مونکي نظر آيو، ساڳي طرح ان جي جسم تي ٻہ گودڙيون هيون، مان جلد ان ڏانهن وڌيس مونکي ڏسي هو تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳو، مان بہ پويان هلڻ لڳس آخرڪار مون ان کي پُڪاري چيو: ”اي **الله پاڪ** جا ٻانها! مان توهان سان ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيان ٿو“ هن چيو: اي ابراهيم! ڇا تون بہ انهن ماڻهن مان آهين جيڪي دل ۾ مُؤمِنَ جي **غيبت** ڪندا آهن؟ ان جي منهن مان پنهنجي باري ۾ غيب جي خبر ٻڌي مان بيهوش ٿي ڪري پيس. جڏهن هوش آيو تہ هو منهنجي سيراندي ڏانهن بيٺو هو، اُن چيو: ڇا بيهر ائين ڪندين؟ مون چيو: ”نہ، هاڻي مان ڪڏهن بہ ائين نہ ڪندس“ پوءِ اهو پُراَسرَار شخص منهنجي نظرن کان گم ٿي ويو ۽ ڪڏهن بہ نظر نہ آيو. (عُيونُ الحِڪايات، ص212)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بدگماني ۾ غيبت آهي

اي **عاشقانِ رسول!** هن حڪايت مان اسان کي عبرت جا بيشمار **مدني گل** ملن ٿا، هن مان اها بہ خبر پئي تہ ڪنهن جي باري ۾ بدگماني ڪرڻ بہ **غيبت** آهي، يعني ڪنهن واضح قريني کان سواءِ ڪنهن جي باري ۾ برائي کي دل ۾ جمائي ونڻ تہ اهو اهڙو ئي آهي ان کي بدگماني چئبو آهي جيڪا غِيبَةُ القَلب يعني دل جي **غيبت** آهي، ڪنهن جي سادي لباس وغيره کي ڏسي ان کي ڪَمتَر حَقِير ۽ پنندڙ فقير سمجهڻ وڏي ڀُل آهي، ڪهڙي خبر تہ اسان جنهن کي حقير سمجهي رهيا آهيون اهو ڪو"**گودڙيءَ جو لعل**" يعني پُهتل هستي هجي. جيئن ذِڪر ڪيل حِڪايت مان ظاهر آهي اهو گودڙي اوڍيل ڪو عام ماڻهو نہ بلڪ خدا تائين پهتل بُزُرگ هو.

نہ پوچھ ان خرقہ پوشوں کو عقیدت ہو تو دیکھ انکو
یدِ بَیضا لئے پھرتے ہیں اپنی آستینوں میں

## (31) پُراسرار حبشي

**متي بيان ڪيل** حڪايت سان ملندڙ جلندڙ هڪ ٻي ايمان اَفرَوز حِڪايت ملاحظہ **فرمايو:** روايت ۾ اچي ٿو تہ حضرت سيِّدُنا حَسَن **بصري** رَحمَةُ اللهِ عَلَيه ٻي انتها ساده ۽ عاجزي پسند طبيعت وارا هئا، هر شخص کي پاڻ کان سنو سمجهندا هئا، هڪ ڀيري دجلہ درياءَ جي ڪناري ڪنهن حبشي کي شراب جي بوتل ۽ هڪ عورت سان گڏ ڏٺائون، پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه دل ۾ چيو تہ جا هي **شرابي حبشي** بہ مون کان بهتر ٿي سگهي ٿو! انهيءَ دوران هڪ ٻيڙي لنگهي جنهن ۾ ست ماڻهو ويٺل هئا، يڪدم اها پاڻي ۾ ٻڏي وئي ۽ اهي ست ئي ماڻهو

ٻہ ٻڌي ويا. اهو ڏسي حَبشِي جلديءَ ۾ درياءَ ۾ لٽو ۽ ان هڪ هڪ ڪري ڇهن ماڻهن کي ٻاهر ڪڍيائين، پوءِ مونکي چيائين: ستون ماڻهو توهان ڪيو، مان تہ توهان جو اِمتِحان وٺي رهيو هئس تہ توهان صاحبِ باطِن بہ آهيو يا نہ! هي بہ ٻڌي وٺو! تہ **اها عورت ڪا ٻي نہ بلڪ منهنجي ماءُ آهي ۽ بوتل ۾ شَراب نہ پر سادو پاڻي آهي.** پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ سمجهي ويا تہ اهو حبشي ڪو عام ماڻهو ناهي، پر منهنجي اصلاح جي لاءِ آيل ڪا غيبِي هستي آهي، ان ڪري پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ ان جو اِحترِام ڪيو ۽ دعا جي درخواست ڪئي، ان دعا ڪئي: **الله پاڪ توهان کي نورِ بَصِيرَت (يعني دل جي نظر جي نور)** سان نوازي. ان کانپوءِ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ ڪڏهن بہ پاڻ کي ڪنهن کان پلو نہ سمجهيائون ايتري تائين جو هڪ ڀيري ڪنهن پڇا ڪئي تہ ڪتو پلو آهي يا توهان؟ فرمايائون جيڪڏهن عذاب کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ويس تہ مان پلو نہ تہ ڪتو مون جهڙن هزارن گنهگارن کان پلو آهي. (تذکرة الاولياء، حصہ:1، ص43، ماخوذًا)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! خبر پئي تہ ڪنهن مسلمان جي متعلق يڪدم غلط راءِ قائم نہ ڪرڻ گهرجي. اسان کي ڪهڙي خبر تہ **الله پاڪ** جي بارگاهہ ۾ ڪنهن جو ڪهڙو مَقام آهي!

نظرِ کرم خدارا میرے سیاہ دِل پر
بن جائے گا یہ دم بھر میں بے بہا نگینہ

(وسائلِ بخشش، ص190)

## (32) حبشيءَ جيئن ئي دعا گهري

اي عاشقانِ اولياء! خبر پئي ته اهو حَبشي کو پُهتل بزرگ هو، لهٰذا ڪنهن جي ظاهري شڪل ۽ صُورت ۽ لِباس وغيره کي ڏسي ان جي هرگز تَحقِير نه ڪرڻ گهرجي، **حُجَّةُ الاِسلام** حضرت امام محمّد بن محمّد غزالي رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ سال مَدِينَةُ الْمُنَوَّره ۾ ڏُڪار اچي پيو، ماڻهن کي ڏاڍو ڏک ٿيو، هڪ ڏينهن مديني شريف وارا نمازِ اِستِسقَاءَ (يعني برسات گهرڻ جي نماز) جي لاءِ نڪتا ۽ حضرت عبد الله بِن مبارَڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه گڏ هئا، سڀ ماڻهو روئي روئي دعا گهرڻ لڳا، ڪنهن جي دُعا قبول نه پئي ٿئي، ايتري ۾ ٻن چادرن ۾ ويڙهيل هڪ حبشي آيو ۽ بارگاهِ خُداوَنديءَ ۾ هيئن عَرض گُذار ٿيو: ”اِلٰهي! اسين گنهگار آهيون، تو اسان کي اَدب سيکارڻ جي لاءِ پاڻي روڪي ڇڏيو آهي، يا الله پاڪ! پنهنجي رَحمت سان هينئر ئي پاڻي وساءِ، هينئر ئي پاڻي وساءِ، هينئر ئي پاڻي وساءِ. جلد ئي ڪارا ڪڪر اچي پهتا ۽ تيز مينهن وسندو رهيو. حضرت عبد الله بِن مبارڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه اتان حضرت فُضَيل بِن عياض رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ آيا، انهن فرمايو: ڇا ڳالهه آهي توهان اداس پيا لڳو؟ انهن حبشي واري دعا ۽ مينهن وارو واقعو ٻڌايو، اهو ٻڌي حضرت فُضَيل بِن عَياض رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه رڙ ڪئي ۽ بيهوش ٿي زمين تي تشريف ڪٽي آيا (يعني ڪري پيا).

(احياءالعلوم، 1/408، ماخوذًا)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

محبت میں اپنی گُما یاالٰہی نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی
ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ میں تھر تھر رہوں کانپتا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش، ص105)

## (33) پٽ ٿو اولاد پيدا ٿيو

**غيبت ڪرڻ ۽ ٻڌڻ** جي عادت ختم ڪرڻ، نمازن ۽ سنّتن تي عمل ڪرڻ جي عادت بڻائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان هميشه وابسته رهو. سنّتن جي تربيت لاءِ مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪيو ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت سنوارڻ لاءِ **نيڪ اعمال** جي مطابق عمل ڪري روزانو جائزي جي ذريعي رسالو ڀريو ۽ هر مهيني جي **پهرين تاريخ** جي اندر پنهنجي ذميدار وٽ جمع ڪرايو. **مدني قافلي** ۾ سفر جي نيّت جي به ڪهڙي نه خوب بهار آهي! هڪ اسلامي ڀاءَ جو ڪجهه ائين چوڻ آهي ته منهنجي ڀاڄائي "اُميد" سان هئي الٽراساوَنڊ جي ذريعي ٻڌايو ويو ته **"ڌيءُ"** آهي. ڀاءُ اها نيّت ڪئي ته جيڪڏهن **"پُٽ"** ٿيو ته دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول جي **سنّتن جي تربيت** جي **"ٽن ڏينهن"** جي مدني قافلي ۾ سفر ڪندس ، اَلحَمدُ للّٰهِ منهنجي ڀاءُ جي گهر " پُٽ " پيدا ٿيو.

نیک اولاد کی، داد فریاد کی خاطر آؤ چلیں، قافِلے میں چلو
قلب بھی شاد ہو، گھر بھی آباد ہو شادیاں بھی رچیں، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جيتريون نيتون وڌيڪ اوترو ثواب به وڌيڪ

**اي عاشقانِ رسول!** ماشاءَ الله سٺي نيّت ۽ اها به **مدني قافلي** ۾ سنّتن ڀريو سفر ڪرڻ جي **سُبحٰنَ الله!** ان جي به خوب برڪت

آهي جو اَلحَمدُ للهِ پٽاٽي اولاد سان جهولي پرجي وئي. اهو ذهن ۾ رهي تہ جيتريون سنيون نيّتون وڌيڪ هونديون ايترو ئي ثواب ۾ اضافو ٿيندو. ان ڪري ڪنهن جائز مَقصَد حاصل ڪرڻ جي نِيّت سان گڏ آخرت جي ثواب جي نيّت بہ نہ وسارڻ گهرجي. **مثال طور:** جيڪڏهن صرف اولاد جي نيّت سان **مدني قافلي** ۾ سفر ڪيو **مدني قافلي** ۾ سفر جو ثواب نہ ملندو، جيڪڏهن ثواب جي نيّت بہ ڪئي وئي هجي تہ اولاد نہ بہ ملي، اِن شآءَ الله **ثَواب** ضرور ملندو. جيئن تہ سيپاري 13 سورة يوسف جي آيت نمبر 56 ۾ **الله پاڪ** جو ارشاد آهي:

وَلَا نُضِيۡعُ اَجۡرَ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۵۶﴾

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اسان نيڪن جو اجر ضايع ناهيون ڪندا.

(پاره13، يوسف:56).

## (34) غيبت ڪرڻ واري کي تحفو

حضرت سيِّدُنا حَسَن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ڪنهن چيو تہ فلاڻي ماڻهو توهان جي غيبت ڪئي آهي تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **غيبت** ڪرڻ واري ماڻهو ڏانهن کجور جو هڪ ٿالهہ پري روانو ڪيو ۽ ان سان گڏ اهو بہ چورائي موڪليو تہ توهان مونکي پنهنجون نيڪيون موڪليون آهن تہ مان ان جو بدلو ڏيڻ سنو سمجهيو ان ڪري کجور حاضر آهن. (مِنهاجُ العابِدين، ص65)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## غيبت ڪرڻ واري ڪي خير جي دعا سان نوازيو

**اي عاشقانِ اولياء!** ڏٺو توهان! **اللّٰه پاڪ** جي وَلِين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِمۡ جي نيڪي جي دعوت جو انداز بہ ڪيترو نرالو هوندو هو. جڏهن زماني جي وليءَ جي طرفان **غيبت** ڪرڻ واري ڪي بدلي ۾ ڪجورن جو ٿالهہ پهتو هوندو تہ اهو ڪيترو تہ متاثر ٿيو هوندو! ۽ اها بہ حقيقت آهي تہ جنهن جي **غيبت** ڪئي وڃي اهو فائدي ۾ رهندو آهي، ڇو تہ جنهن **غيبت** ڪئي ان جون نيڪيون ان (يعني **جنهن جي غيبت ڪئي وئي**) جي **اَعمَال نامي** ۾ مُنتَقل ٿي ويندڙيون آهن ۽ جيڪو نيڪيون تحفي ۾ ڏئي تہ اهو اسان جو چڱو خير خواهہ ٿيو. يعني ڀلائي چاهيندڙ ٿيو ان ڪري ان سان وڙهڻ بدران ان جي حق ۾ **خير جي دُعا** ڪرڻ گهرجي.

جو غیبت سے چغلی سے رہتا ہے بچ کر میں دیتا ہوں اُس کو دعائے مدینہ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (35) عطر جي شيشي جو تحفو

**هڪ دعوتِ اسلامي جي** مُبَلِّغ جو ڪجهہ هن ريت بيان آهي تہ مونکي خبر پئي تہ فلاڻي صَاحب منهنجي خلاف ماڻهن ۾ **غيبت** ڪئي آهي، مون ڪي حضرت سيّدنا حَسَن بصري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي حڪايت جي خبر هئي **(جيڪا هاڻي گذري)** ان ڪري ان جي پيروي جي نيت سان ان صاحب ڏي تحفي طور **"عطر جي شيشي"** موڪلي ۽ جنهن جي ذريعي موڪلي، ان ڪي درخواست ڪئي تہ سوغات موڪلڻ جو سبب بيان ڪري اوهان ان ڪي سمجهائڻ جي ترڪيب

ڪجو. بس ڳالهه اتي ئي ختم ٿي وئي، هڪ ڀيري اسين ڪجهه **اسلامي ڀائر** اِتّفاق سان ان **غيبت** ۾ مُخالَفت ڪرڻ واري صاحب جي دڪان جي پرسان گذرياسين ته ڏسندي ئي هو پنهنجي دڪان کان ٻاهر آيو ۽ **گرمجوشي** سان ملاقات ڪئي، جوس يا ڪنهن شربت سان اسان جي **خاطر تواضُع** ڪيائين ۽ پنهنجي دڪان جي اندر مون کان هٿ ڪٽائي برڪت جي دعا ڪرايائين. لِلّٰهِ الْحَمْد.

تو پیچھے نہ ہٹنا کبھی اے پیارے مبلغ! شیطان کے ہر وار کو ناکام بنادے

(وسائلِ بخشش، ص120)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني مُني جي جان بچي وئي

**غيبت ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي عادت** ختم ڪرڻ، نمازن ۾ سنّتن جي عادت پيدا ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي ديني ماحول سان هميشه وابسته رهو، سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪيو ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت سنوارڻ جي لاءِ **نيڪ اعمال** جي مطابق عمل ڪري روزانو جائزي جي ذريعي رسالو ڀريو ۽ هر مهيني جي **پهرين** تاريخ تي پنهنجي هتان جي ذميدار وٽ جمع ڪرايو. حيدرآباد جي اسلامي ڀاءُ جو پنج سالن جو **مدني مُنو** مسلسل بيمار رهندو هو، حيدرآباد جي تقريبًا سيني وڏين اسپتالن ۾ علاج ڪرايو، جڏهن **چامشوري اسپتال** مان ”**لِيور اِسڪين**“ ڪرايو ته خبر پئي ته ٻار جو هڪ ”**ڪنڪشن**،

(جوڙ) ڪونهي جيڪو جيري ڪان آندن تائين پهچندو آهي، وڏي ڊاڪٽر ٻڌايو تہ ان جو آپريشن ٿيندو، پر ان جي ڪامياب ٿيڻ جا امڪان گهٽ آهن. **رمضان المبارڪ** ۾ هُو ڪراچي پهتو ۽ آپريشن جي لاءِ نينگر کي N.I.C.H اسپتال ۾ داخل ڪيو، چنڇر واري ڏينهن مدني مني جو آپريشن ٿيو تہ ڊاڪٽرن ٻڌايو تہ ان جو ڪنڪشن بہ ڪونهي، پِتو بہ ڪونهي ۽ جگر بہ تمام ڪمزور آهي جيڪو صرف 25 سيڪڙو ڪم ڪري رهيو آهي. هن ٻار جي بچڻ جو امڪان تمام گهٽ آهي. ٻئي هفتي نينگر جو ٻيو آپريشن طئي ٿيو، هُو آپريشن کان هڪ ڏينهن اڳ يعني جمعي جي ڏينهن **مدني قافلي** ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سنّتن ڀريي سفر تي روانو ٿي ويو. **اَلحَمدُ للهِ مدني قافلي** جي دوران ئي گهر وارن فون تي اطلاع ڏني تہ پيشاب ۾ رت اچڻ بہ بند ٿي ويو آهي ۽ ان ڪير بہ پيئڻ شروع ڪيو آهي، هوُ **مدني قافلي** کان آچر جي ڏينهن واپس آيو ۽ **الحَمدُ للهِ** ٻئي ڏينهن يعني سومر جي ڏينهن اسپتال مان موڪل بہ ملي وئي، **اَلحَمدُ للهِ مدني قافلي** جي برڪت سان ان جو **مدني منو** بلڪل نيڪ ٿي ويو. **الله پاڪ** دعوتِ اسلامي جي **ديني ماحول** کي سلامت رکي. اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بچّہ بیمار ہے، باپ بیزار ہے — غم کے سائے ڈھلیں، قافِلے میں چلو
غم چلے جائیں گے، دن بھلے آئیں گے — صبر سے کام لیں، قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (36) 15 سالہ مريض جي ايمان اَفروز صحتيابي

**اي عاشقانِ رسول** ! ڏٺو توهان! **مدني قافلي** جي برڪت سان بيمار بار نہ صرف زنده بچي ويو پر صِحتمَند بہ ٿي ويو. **الله پاڪ** جي قُدرت جا اهي سڀ ڪَرِشَما آهن، يَقِيناً **دعوتِ اسلامي** وارن تي ربِّ اَڪبر جو بي انتها ڪَرم آهي، بيشڪ **الله پاڪ** چاهي تہ ڪيترو بہ ڏکيو مسئلو هجي اهو يڪدم ئي حَل ٿي ويندو آهي. هن سلسلي ۾ هڪ ايمان اَفروز حڪايت ٻڌو ۽ جهومو جيئن تہ بغداد شريف ۾ هڪ **عَلَوِي** چوڪِري رهندي هئي، اها پندرهن سالن تائين مَعذُور رهي، هڪ رات اها سمهي ڪري اُٿي تہ تندرست هئي، هاٿي هوءَ اٿي ويهي بہ سگهي پئي ۽ بيهي بہ سگهي پئي. انهي کان ان جو سبب پڇيو ويو تہ ان چيو: هڪ رات مان سخت دل گير ٿيس، مون الله پاڪ کان دعا گهري تہ يا تہ هن مصيبت کان ڇوٽڪارو عطا فرماءِ يا وري موت ڏي ۽ ڏاڍي رُئـسِ، خواب ۾ ڏٺم تہ هڪ بزرگ مون وٽ تشريف فرما ٿيو آهي، مان ڏکي ويس ۽ مون چيو: ڇا توهان جو اهڙيءَ طرح مون وٽ اچڻ جائز آهي؟ ان فرمايو: مان تنهنجو پيءُ آهيان، مون سوچيو تہ شايد منهنجا جدِّ اعليٰ حضرت **اميرُ الْمُومِنين عليُّ الْمُرتَضيٰ شيرِ خدا** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ آهن. مون عرض ڪيو: يا اميرَ المؤمنين! اوهان منهنجي حالت نہ ٿا ڏسو؟ انهن فرمايو: مان تنهنجو والد مُحَمَّدٌ رَّسولُ الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آهيان. مون روئندي عرض ڪيو تہ **يا رسولَ الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي لاءِ **صحت جي دعا** فرمايو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ٻنهي مبارڪ چپن کي

حرڪت ڏني، پوءِ ارشاد فرمايائون: پنهنجو هٿ ڏي مون پنهنجو هٿ پيش ڪيو تہ پاڻ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي پڪڙي چڪيو ۽ مونکي ويهاريو. پوءِ فرمايائون: **الله پاڪ** جو نالو وٺي اٿي بيهه. مون عرض ڪيو: مان ڪيئن بيهان مان تہ معذور آهيان! فرمايائون: پنهنجا ٻئي هٿ ڏي، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي پڪڙي ڇڪيو تہ مان بيهجي ويس، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٽي ڀيرا ائين ڪيو پوءِ فرمايائون: اٿي بيهہ **الله** پاڪ تو کي **صحت ۽ عافيت** عطا فرمائي ڇڏي آهي، تون ان جي حمد ڪر ۽ ان کان ڊڄ ۽ پوءِ مونکي ڇڏي تشريف وٺي ويا، جڏهن مان جاڳيس تہ تندرست هئس. ان جو واقعو بغداد شريف ۾ تمام گهڻو مشهور ٿيو.

(مصباح الظلام فی المستغيثين بخير الا نام، ص153)

سرِ بالیں انہیں رحمت کی ادا لائی ہے
حال بگڑا ہے تو بیمار کی بن آئی ہے

## (38) وڏو ڪارو ماڻهو

**حضرت سيّدنا خالد** رَبعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ مان جامع مسجد ۾ ويٺو هئس تہ ڪجهہ ماڻهو هڪ شخص جي **غيبت** ڪرڻ لڳا. مون انهن کي جهليو تہ **غيبت** کان مُڙي ڪنهن ٻئي **موضوع** تي اچي ويا. ڪجهہ دير ڪانپوءِ وري انهيءَ شخص جي خلاف ڳالهائڻ لڳا، هن ڀيري مان بہ ڪجهہ دير جي لاءِ گفتگو ۾ شريڪ ٿي ويس. رات جو خواب ڏٺو تہ هڪ ڊگهو ڪارو ماڻهو ٿالهہ ۾ ”**سُوَر جي گوشت**“ جو ٽڪرو کڻي آيو ۽ چوڻ لڳو تہ ”**سُوَر جو گوشت**“ **کاءُ** مون چيو: مان . . مان . . مان . . چو ”سُوَر جو گوشت“ کانوان؟ **الله پاڪ** جو قسم مان نہ کائيندس. ان مونکي زور سان لوڏيو ۽ چيو تہ تو ان

ڪان بہ گندي شيء ڪاڏي (يعني غيبت ڪئي) آهي، اهو چئي ان منهنجي ڪنڌ مان پڪڙيو ۽ سُوَر جو گوشت جنهن مان رت وهي رهيو هو، منهنجي وات ۾ زور سان وجهڻ لڳو ايستائين جو مان ننڊ مان جاڳي پيس. **خدا جو قسم!** تيهہ ڏينهن تائين مونکي ان جي بدبوءِ ايندي رهي ۽ مان جڏهن بہ ڪاڏو ڪائيندو هئس تہ ان مان **خنزير** جي گوشت جو ذائقو پنهنجي وات ۾ محسوس ڪندو هئس.

(ذمّ الغيبۃ لابن ابی الدنیا، ص85، رقم:43)

## (39) امرد پسندي وغيره جي هٿون هٿ غيبي سزائون

**اي عاشقانِ اولياء!** اهي بزرگ نصيب وارا هئا جو انهن کي هن فاني دنيا ۾ ئي خواب جي وسيلي خبردار ڪيو ويو. افسوس! اسان جو ڇا ٿيندو! افسوس! اسان تہ نہ ڄاڻ ڪيترن جي **غيبتون** ڪيون ۽ ڀڏيون هونديون. **الله** ربُّ العزت اسان کي دنيا ۽ آخرت جي ذلت کان بچائي، ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو گناهہ ڪندي ئي اتي جو اتي سزائون ملنديون آهن ۽ تمام گهڻيون پشيمانيون ٿينديون آهن، جيئن تہ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مَڪتَبَۃُ المَدِينہ جي ڪتاب ”جہنم میں لے جانے والے اعمال“ (صفحات 853) جي صفحي نمبر 646 تي آهي: ڪجهہ ماڻهن اَمرد (يعني خوبصورت ڇوڪر) کي شَهوَت سان يا ڪنهن عورت کي ڏٺو تہ انهن جون اکيون وهي اچي ڳلن تي پهتيون! ڪجهہ ماڻهن جيئن ئي پنهنجو هٿ ڪنهن عورت جي هٿ تي رکيو تہ ٻنهي جا هٿ پاڻ ۾ ملي ويا ۽ ڏاڍي بدنامي ٿي، ماڻهو انهن کي جُدا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويا، ايتري تائين جو ڪن عالِمن سڳورن رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْهِمْ انهن جي

رهنمائي فرمائي تہ سچي دل سان توبهہ ڪن ۽ واعدو ڪن تہ آئينده اهڙيون خراب حرڪتون ڪڏهن بہ نہ ڪنداسين. جڏهن انهن ائين ڪيو تہ **الله پاڪ** انهن کي ڇوٽڪارو عطا فرمايو. هن ڪتاب جا مُصَنِّف **حضرت علامہ ابن حَجَر** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اهڙي طرح منهنجي هڪ واقُف ڪار سان ٿيو جيڪو خوبصورت شڪل وارو ۽ صحتمند هو. ان گناهہ ڪيو بہ تہ کهڙي پاڪ جڳهہ تي! مَسجِدُ الحَرَام جي اندر ۽ اهو بہ حَجَرِ اَسْوَد وٽ ان تي شيطان سوار ٿيو ۽ ان هڪ عورت کي چُمي ڏني! **الله پاڪ** جي قهر جي بجلي ڪري ۽ ان جو سڄي جو سڄو چهرو تبديل ٿي ويو( يعني بگڙجي ويو) سڄو بدن بي ڍنگو ٿي ويو، **عقل ضايع ٿي** ويو ۽ آواز بہ خراب ٿي ويو مطلب تہ سڄو عِبرت جو نمونو بڻجي ويو. اسان پڪتڻ کان **الله پاڪ** جي پناهہ گهرون ٿا ۽ **الله پاڪ** کان اِلتِجا ڪريون ٿا تہ اسان کي **مرندي گهڙيءَ** تائين آزمائش کان بچائي، **بيشڪ** هو وڏو ڪريم ۽ رحيم آهي.

گناہوں نے کہیں کا بھی نہ چھوڑا　　کرم مجھ پر حبیبِ کبریا ہو

(وسائلِ بخشش، ص316)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (40) لفٽ جو پڪو

اي **عاشقانِ رسول**! يقيناً پنهنجي شيءِ جي بُرائي ٻڌڻ ڪنهن کي بہ سٺو ناهي لڳندو، هن سلسلي ۾ پنهنجو هڪ واقعو عرض ٿو ڪريان. **جيئن تہ** سخت گرمين جا ڏينهن هئا، اسين ڪجهہ اسلامي

پائر ڪنهن جي گهر مان ڪاڏو ڪائي نڪتاسين ۽ لِفٽ ۾ سوار ٿياسين گرم هوا جو اِحساس ٿيو. هڪ چيو ته پکو لڳل آهي، ٻئي چيو: فلاڻي ڪرائي دار اسلامي ڀاءُ جي **عمارت جي لِفٽ** ته اِيئر ڪَنڊِيشَنڊ آهي. تنهن تي اسان جو ميزبان جيڪو ان بلڊنگ جي هڪ فليٽ جو ڪرائي دار هو اُن چئي ڏنو: "هيءَ عمارت ته ڪافي پراڻي آهي" سگِ مدينه عُفِيَ عَنْهُ تنهي کي عرض ڪيو: اهو ته ٻڌايو ته اوهان جي ڳالهه "هيءَ عمارت ڪافي پراڻي آهي" ٻڌي ڪري ان گهر جو **مالڪ خوشي** سان جهومڻ لڳندو يا ان جي دل کي صَدمو رسندو ان تي اهو پشيمان ٿيو ته واقعي، خبر پوڻ جي صورت ۾ ان کي ايذاء پهچندو. پوءِ منهنجي ڳالهه جي تصديق ڪندي ان پنهنجو هڪ واقعو ٻڌايو ته مون وٽ هڪ پراڻي ڪار هئي هڪ ڏينهن منهنجي هڪ گهاٽي دوست چيو: "يار! هن ڪٽاري جي جان ڇڏ" مون کي ان جملي سان سخت صَدمو رسيو ۽ مون اها ڪار استعمال ڪرڻ ڇڏي ڏني ۽ هڪ دوست جي **گيرَاج** ۾ رکي ڇڏي، ڪافي وقت کان ائين ئي پئي آهي، وڪڻڻ تي دل نه پئي ڪري چو ته ان سان منهنجون ڪافي بابرڪت يادون وابسته هيون. جيڪي اسلامي ڀاءُ گُفتگو ۾ شريڪ هئا، اَلحَمدُ لله سڀني **غيبتون** ڪرڻ ۽ ٻُڌڻ کان توبهه ڪئي.

## غيبت بيان ڪرڻ غيبت آهي به ۽ ناهي به

**اي عاشقانِ رسول**! بيان ڪيل حڪايت مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته بيڪار گفتگو ڪيتري قدر خطرناڪ هوندي آهي جو **غيبت** تي وڃي ٿي، ۽ ڪَنن کي به خبر ناهي پوندي. هن حِڪايت ۾ هڪ نه گهڻ ۾ به **غيبتون** آهن، هڪ ته "**اها عمارت ڏاڍي**

**پراڻي آهي**“ ۽ ان کان اڳ ڪيل ڳالهه ان جي لفٽ ۾ ته صرف پڪو آهي جڏهن ته فلاڻي جي لفٽ ۾ A/C آهي، جيڪڏهن اها ڳالهه به عمارت جو مالڪ ٻڌي وٺي ته ان کي ڏکي لڳندي تنهنڪري اها به **غيبت** آهي. هتي اِها وضاحت ڪندو هلان ته جيڪڏهن برائي بيان ڪرڻ جو ڪوصحيح مَقصَد هجي مثال طور عمارت ۾ فليٽ ڪرائي تي وٺڻو هو ۽ ان سلسلي ۾ اها گفتگو ٿي ته اها عمارت به پراڻي آهي ۽ لِفٽ ۾ به صرف پکو لڳل آهي ۽ فلاڻي عمارت سني آهي جو ان جي لفٽ ۾ به A/C آهي، هلو اتي ئي فليٽ بک ڪرايون ٿا ته اها گناهه واري **غيبت** ناهي. جيڪڏهن ڪنهن صحيح مقصد جي نيت نه هجي، بس ائين ئي ڪنهن جو عيب يا ان جي ڪنهن شيءِ کي پرپٺ بيان ڪيو، جيئن اڄڪلهه اسان مان گهڻن جي عادت آهي ته اها گناهن ڀري **غيبت** آهي. مٿي ذڪر ڪيل حڪايت ۾ به رڳو اجائي بک بک جي طور تي بنا صحيح مقصد جي عمارت جا عيب بيان ڪيا ويا، ان ڪري اهي ٻئي ڳالهيون گناهن ڀريون **غيبتون** شُمار ٿينديون .

## دعاءِ عطار:

**يَا رَبِّ مُصطَفيٰ**! اسان جا سمورا گناهه معاف فرماءِ. **يا الله پاڪ**! اسان کي **غيبتن**، چغلين، **بدگمانين**، دل آزارين ۽ هر قسم جي گناهن کان بچاءِ **يا الله پاڪ**! اسان کي پڪو نمازي ۽ سُنّتن جو عادي، **نيڪ اعمال** جو عامِل ۽ **مَدنِي قافِلن** جو مسافر بڻاءِ. **يا الله پاڪ** !اسان کي **دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول** ۾ اِستِقامت عِنايت

فرماءِ، يا الله پاڪ! اسان جي پياري پياري آقا، مَڪِي مَدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري اُمت جي مغفرت فرماءِ.

خدا یا اَجل آکے سر پر کھڑی ہے دِکھا جلوہ مصطفٰے یاالٰہی
مسلماں ہے عطّارؔ تیری عطا سے ہو ایمان پر خاتِمہ یاالٰہی
(وسائلِ بخشش، ص105، 106)

اٰمین بِجاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net